SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XLIX مجريه 2013
# SINDH ACT NO. XLIX OF 2013
# لاڙڪاڻه ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE LARKANA DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي تجديد
Revival of Sindh Act No. XXI of 1994
3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No. XXI of 1994
4. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No. XXI. 1994
5. 1994 جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act No. XXI of 1994
6. 2009 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي منسوخي
Repeal of Sindh Act No.VIII of 2009
7. محفوظ بنائڻ
Saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر XLIX مجريہ 2013
# SINDH ACT NO. XLIX OF 2013
# لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE LARKANA DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

[1 نومبر 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون جي تجديد ۽ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هائوسنگ انڊسٽريءَ کي هٿي ۽ ترقي ونرائي ۽ صوبي جي عوام کي اجهو مهيا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ ايڪٽ، 1994 جي هن هيٺ ڄاڻايل نموني سان تجديد ۽ ترميم ڪئي وڃي.

جنهن کي هن ريت جوڙي لاڳو ڪجي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم)، ايڪٽ، 2013 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي تجديد

2. لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993، 2002

| | |
|---|---|
| جي جولاءِ جي پهرين ڏينهن کان اهڙي ريت تجديد ٿيل سمجهيو ويندو جيئن اهو ڪڏهن بہ متايو ۽ ورجايو نہ ويو آهي ۽ هن کان پوءِ انهيءَ کي ساڳيو ايڪٽ چيو ويندو. | Revival of Sindh Act No. XXI of 1994 |
| 3. ايڪٽ جي دفعہ 2 جي شق(e)کان پوءِ هيءَ نين شق شامل ڪئي ويندي. "ee" "ڪنساليڊيشن" آف لنڊ جو مطلب آهي تہ اسڪيم جي مقصدن لاءِ اسڪيم جي پلاٽن کي متاستا يا ٻئي ڪنهن طريقي سان مطابقت ۾ آڻڻ. | 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXI جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of section 2 of Sindh Act No. XXI of 1994 |
| 4. دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺينءَ ريت نعم البدل ٿيندو: | 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXI جي دفعہ 4 جي ترميم<br>Amendment of Section 4 of Sindh Act No. XXI. 1994 |

"(1) اٿارٽي جي جوڙجڪ: اٿارٽي مشتمل هوندي:

| | |
|---|---|
| (a) لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمنٽ هائوسنگ ٽائون پلاننگ سنڌ، سنڌ جو وزير. | چيئرمين. |
| (b)سرڪار طرف نامزد ٿيل صوبائي اسيمبليءَ جو هڪ مقامي ميمبر. | ميمبر |

| | |
|---|---|
| (c)لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمنٽ هائوسنگ، سنڌ ،جو سيڪريٽري. | ميمبر |
| (d)لاڙڪاڻہ جو ڪمشنر. | ميمبر |
| (e) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ سکر جو چيف انجنيئر، | ميمبر |
| (f) لاڙڪاڻہ ڊولپمنٽ اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل. | ميمبر / سيڪريٽري |
| (g) سرڪارطرفان نامزد ٿيل ہہ ماڻھو هڪ ٽيڪنوڪريٽ ۽ هڪ سول سوسائٽي. | ميمبر |

1994 جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act No. XXI of 1994

5. هن ايڪٽ جي دفعہ 9، جي ذيلي دفعہ (I)جي شق (iii) کان پوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي:
”(iii_a) ڪنھن زمين کي اهڙي ريٽ مربوط ڪرڻ جيئن قائدن ۾ بيان ڪيو ويندو“.

2009 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي منسوخي
Repeal of Sindh Act No.VIII of 2009

6. لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2009 (سنڌ ايڪٽ نمبر VIII، 2009) کي ختم ڪيو پيو وڃي.

محفوظ بنائڻ
Saving

7. 2002 جي جولاءِ جي پهرين تاريخ ۽ هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ (ٻنهن ڏينهن سميت) ڪيل سمورا حڪم، ڪيل ڪارروايون، ڪيل، ورتل قدم پر اهي ڪنهن ڪورٽ جي حڪم خلاف نہ آهن تہ پوءِ سمجهيو ويندو تہ اهي لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 مطابق درست قدم کنيا ورتا ۽ ڪيا ويا آهن ۽ انهن تي ڪنهن ڪورٽ يا فورم تي ڪنهن بہ بنياد تي سوال نہ اٿاريو ويندو.

**نوٽ : ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**